## سنڌي مائرن،ڀينرن،بزرگن ۽ نوجوانن جي نالءُ

# الطاف حسين جو کليل خط

## شعبہ نشر واشاعت

## متحده قومي موومينٽ (پاڪستان)



**سنڌي مائرن،ڀينرن،بزرگن ۽ نوجوانن جي نالءُ**

**الطاف حسين جو کليل خط**

لنڊن......6 جنوري 2008ع

سنڌي مائرو،ڀينرو، بزرگو ۽ نوجوانو

السلام عليڪم

سڀ کان پهرين منهنجي دلي تعزيت قبول ڪندا تہ سنڌ ڌرتي ماءُ جي هڪ نياڻي کي رت ۾ رنگي شهيد ڪيو ويو آهي، محترمہ بينظير ڀٽو هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهي آهي،جيئن ان جي والد محترم جناب ذوالفقار علي کي شهيد ڪري هن دنيا کان هميشہ لاءِ جدا ڪيو ويو هو.

اهڙي طرح ذوالفقار علي ڀٽي جي فرزندن شاهنواز ڀٽو ۽ مرتضيٰ ڀٽو کي بہ شهيد ڪيو ويو ۽ هاڻ 27 ڊسمبر 2007ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي مشن جي وارث محترمہ بينظير ڀٽو کي بہ شهيد ڪيو ويو(انا للہ وانا اليہ راجعون)

محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جو قتل روالپنڊي ۾ ڪيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي کي بہ راولپنڊي ۾ عدالت جي هڪ متنازعہ فيصلي ۾ ڦاسي ڏني وئي.

شاهنواز ڀٽي کي پرڏيهہ ۾ شهيد ڪيو ويو، مرتضيٰ ڀٽي کي هن جي گهر جي سامهون شهيد ڪيو ويو،سنڌ ۾ 1947ع ۾ هجرت ڪري آيل مهاجرن نہ ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو، نہ شاهنواز ڀٽي کي شهيد ڪيو، نہ مرتضيٰ ڀٽي کي شهيد ڪيو نہ وري محترمہ بينظير ڀٽي کي شهيد ڪيو تہ پوءِ اندرون سنڌ سميت ڪراچي ۾ چونڊي چونڊي مهاجرن جي گهرن،دڪانن، فيڪٽرين کي ڇو لٽيو ويو ۽ ساڙيو ويو؟ ان ۾ ڪم ڪندڙ معصوم بيگناهہ مزدورن کي ڇو زندهہ ساڙيو ويو؟

منهنجا محترم سنڌي ڀائرو!

جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽي شهيد کان وٺي محترمہ بينظير ڀٽي شهيد تائين انهن کي بيدردي سان قتل ڪندڙن کان بدلي وٺڻ جو مقصد هو تہ پوءِ اصل قاتلن جي بدران بيگناهن کان بدلو ڇو ورتو ويو؟ جيڪي ذوالفقار علي ڀٽي شهيد ۽ بينظير شهيد سان محبت ڪندڙ آهن انهن ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت تي خوشيون ماڻيندڙ ۽ ان جي شهادت تي مٺائي ورهائڻ وارن کان بدلو ڇو نہ ورتو؟

27 ڊسمبر 2007ع تي محترمہ بينظير جي شهادت کانپوءِ سنڌ جي نياڻي جي شهادت جي خبر بار بار ميڊيا تي ٻڌي منهنجي اکين ۾ لڙڪ نہ ٿي بيٺا ۽ جيڪي انٽرويوز مون کي مجبوري حالت ۾ ميڊيا کي ڏيڻا پيا توهان انهن انٽرويوز جي ريڪارڊنگ ٻيهر ٻڌندا تہ الطاف حسين سنڌ جو واحد سپوت هو،(جنهن کي ڪيترائي سنڌي دل سان سنڌ جو پٽ تسليم نہ ٿاڪن) جنهن هر انٽرويو ۾ انٽرويو وٺڻ واري کي درخواست ڪئي تہ محترمہ بينظير ڀٽو کي اللہ جي واسطي مئل،هلاڪ نہ چئو بلڪ بينظير ڀٽو شهيد آهي ۽ هڪ شهيد پيءَ جي ڌيءَ کي شهيد ڪيو ويو آهي، شهيد پيءَ جي ڌيءَ کي شهيد ڪيو ويو آهي،شهيد پيءَ جي ڌيءَ کي



شهيد ڪيو ويو آهي،هي الطاف حسين جي دل سان نڪتل سچا جذبا هئا ۽ اهي ادا ڪندي وقت الطاف حسين جي اکين مان غم،ڏک ۽ افسوس جا لڙڪ وهي رهيا هئا. انٽرنيشنل سيڪريٽ ۾ موجود هر فرد تي ڏک ۽ غم جي ڪيفيت طاري هئي ۽ هر هڪ روئي رهيو هو.سڀ کان پهرئين ايم ڪيو ايم ٽن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪندي چونڊ سرگرميون ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو،ٻئي طرف محترمہ بينظير جا سچا چاهڻ وارا غم ۾ روئي رهيا آهن.هتي مان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن کان سوال ڪرڻ چاهيان ٿو تہ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي اهو ٻڌايو تہ توهان ڪيترن وڏن وڏن رهنمائن کي ڪارڪنن وانگر اوڇنگارون ڏيندي ۽ نير وهائيندي ڏٺو؟ ڪيترن وڏن وڏن رهنمائن کي ڏک ۾ بي حال ڏٺو؟ها جيڪڏهن توهان وڏن وڏن رهنمائن کي پريشان ۽ فڪر مند ڏٺو هوندو تہ اهو هن لاءِ تہ هاڻ پ پ جي قيادت ڪنهن وٽ ويندي؟ هاڻ قيادت ڪير سنڀاليندو؟ڪير ڀٽو شهيد ۽ بينظير جي مشن کي اڳتي وٺي هلندو؟محترمہ بينظير شهيد جي ٽيجهي واري ڏينهن هڪ طرف ڪارڪن غم ۾ لڙڪ هاريندي نظر اچي رهيا هئا تہ ٻئي طرف وڏا وڏا رهنما کل ڀوڳ ڪندي ۽ مسڪرائيندي نظر آيا.

منهنجا سنڌي ڀائرو!

هڪ ڏکائيندڙ ڳالهہ هي بہ هئي تہ مرتضيٰ ڀٽو شهيد جي فرزند ذوالفقار جونيئر ۽ ڌيءَ فاطمہ ڀٽو پنهنجي والده سان گڏ ويهڻ جي جاءِ ڳولي رهيا هئا ۽ هنن سان همدردي ڪرڻ وارو ڪو بہ نظر نہ اچي رهيو هو.اهي تہ مهاجر نہ هئا بلڪ ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جو رت هو پوءِ ڇو انهيءَ سوڳ جي موقعي تي انهن سان بي رخي جو سلوڪ ڪيو ويو؟ ڇا اهو سلوڪ الطاف حسين يا ايم ڪيو ايم ڪيو هو؟خط پڙهندڙ ڀائرو هتي مان هڪ ڳالهہ جو تذڪرو ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جڏهن مرتضيٰ ڀٽو شام کان پاڪستان واپس اچي رهيو هو تہ منهنجي هن سان فون تي گفتگو ٿي هئي،جنهن ۾ مون هن کي صلاح ڏني تہ منهنجي رائي هي آهي تہ پاڪستان نہ وڃ.اها ڳالهہ مون محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سان 19آڪٽوبر2007ع تي ٽيڻ واري گفتگو ۾ بہ ڪئي هئي.

اڄ ڪيترائي قوم پرست سنڌي قوم جا همدرد بڻجي رهيا آهن ڇا انهن ڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي شهادت جو بدلو ورتو؟يا وري ذوالفقار علي ڀٽو شهيد کي شهيد ڪرڻ وارن کان رشتو ناتو ٽوڙيو؟

هنن قوم پرستن محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي ہ لڙڪ بہ نہ وهايا،گهٽ ۾ گهٽ اسان اهو چئي سگهون ها تہ اهي مانگر مڇ جا ڳوڙها آهن.

محترم سنڌي ڀائرو !

1997ع کان اسان جو محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سان رابطو ٽٽل هو ۽ جيڪو بہ رابطو رهيو سو اڻ سڌي طرح رهيو.آخرڪار آخري ڏينهن ۾ اسان ٻئي انهيءَ نتيجي تي پهتاسين تہ آئينده اسان ڪنهن بہ سازش جو شڪار ٿي مفاد پرستن جو آلہ ڪار نہ بڻجنداسين ڇاڪاڻ تہ اسان سڀ سنڌ جا رهواسي آهيون اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ ڌرتيءَ سان وابستا آهن.

18 آڪٽوبر 2007ع تي محترمہ بينظير شهيد ڪراچي پهتي.انهيءَ ڏينهن ان جي ريلي تي خودڪش حملو ٿيو جنهن ۾ 150 کان وڌيڪ بيگناهہ ماڻهو مارجي ويا يعني شهيد ٿيا. انهيءَ ڏينهن مون محترمہ بينظير کي فون ڪيو پر ڳالهہ نہ ٿي سگهي.ٻئي ڏينهن يعني 19آڪٽوبر 2007ع تي محترمہ بينظير سان فون تي ڊگهي ڳالهہ ٿي جيڪا ريڪارڊ ۾ محفوظ آهي جنهن ۾ هن چيو تہ هاڻ اسان ڪيتريون ڳالهيون سمجهي ويا آهيون ۽ هاڻ اسان کي گڏجي هلڻو آهي. ڪيترن ئي سازشن ۽ غلط فهمين جي بنياد تي وڏو نقصان ٿيو آهي.



هن چيو تہ مان جلد ئي لنڊن اينديس تہ اوهان سان ملاقات ڪنديس مون هن کي وڏي احتياط سان ڪم ڪرڻ جي درخواست ڪئي.

افسوس تہ منهنجي هن سان ٻيهر ملاقات نہ ٿي سگهي نہ تہ مان هن کي ملڪ کان پري رهي پارٽي هلائڻ جي صلاح ڏيان ها.بهرحال اسان جي پاڻ ۾ ٽيليفون تي گفتگو ٿي اها ماضي ۾ ٿيل گفتگو مان سڀ کان بهتر ۽ پنهنجائپ واري گفتگو محسوس ٿي.

مون هن جي شهادت بعد مخدوم امين فهيم ۽ جناب آصف علي زرداري کي بہ ٽيليفون ڪري تعزيت ڪئي.

منهنجا سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ڀائرو!

ڇا ايم ڪيو ايم ۽ الطاف حسين سنڌ ڌرتي جو پٽ هئڻ جي ناتي ڪڏهن سنڌ جو سودو ڪيو؟ جهڙي طرح (اين ايف سي) ايوارڊ ۽ ڪالا باغ ڊيم جي معاملي تي ايم ڪيو ايم اصولي موقف اختيار ڪيو ڇا اهڙي طرح ڪنهن قوم پرست ڪيو؟

الطاف حسين سنڌ جو پٽ آهي.ڪو پراڻو قديم سنڌي آهي ڪو وچولي وقت جو سنڌي ۽ ڪو نئون سنڌي آهي. جنهن جو مرڻ جيئڻ، ڪائڻ پيئڻ. ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ سڀ سنڌ سان وابستہ رهي ٿو. ڇا توهان هاڻ بہ الطاف حسين ۽ مهاجر کي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي نٿا سمجهو؟

جيڪڏهن نہ تہ سنڌ جا تمام نالي وارا ۽ با اختيار سنڌي هڪ آواز تي اعلان ڪن تہ هجرت ڪري ايندڙ مهاجر جن جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي انهن جو تعلق سنڌ سان نٿو ٿي سگهي.

سنڌ ۾ هڪ مخصوص طبقي يعني اردو ڳالهائيندڙ واري طبقي جي گهرن، دڪانن، فيڪٽرين کي ساڙڻ سان محترمہ بينظيرشهيد جي قاتلن کي ڪهڙو نقصان رسيو آهي؟ ٻئي طرف جيڪي سنڌي، بلوچ، پنجابي، سرائيڪي،پختونن ۽ ٻين قومن جا ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيا هئا انهن جي ملڪيت ۽ آفيسن ساڙڻ سان محترمہ بينظير شهيد جي قاتلن کي ڪهڙو نقصان پهتو؟

آخر ۾ مان سنڌي ڀائرن،مائرون، ڀينرون ۽ بزرگن کي اپيل ٿو ڪريان تہ هو اڳتي وڌن ۽ انهيءَ فرق کي مٽائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا دشمن تہ اهو ئي چاهين ٿا تہ سنڌ،زبان جي بنياد تي هميشہ جهيڙي جو شڪار رهي ۽ اسان مزو ماڻيندا رهون ۽ سنڌ تي حڪمراني ڪندا رهون.اللہ تعاليٰ محترمہ بينظير ڀٽو کي شهادت جي رتبي جو درجو عطا فرمائي ۽ معصومين ڪربلا، پنجتن پاڪ ۽ اوليائن جي صدقي ۾ پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏي. آمين ثم آمين تمام دهشتگردي جي باوجود مون جيڪا صبر جي تلقين جي اپيل ڪئي آهي خدا ان کي بہ قبول فرمائي.آمين ثم آمين.

فقط اوهانجو پنهنجو

**الطاف حسين**